وديا وڃائي ، اوديا دک اندر جو،
جيئن پاڻي پاهه کي پاڻيءَ ٻڇهائي،
سورج لڪائي، سڀ پدارٿ پـــڌرا.

وديا ارٿات گيان ٿي منش جي سيني دکن کي دور ڪري
ٿو. گيان روپي سورج، اڀرڻ سان انتهڪرڻ مان اگيان جي اونده
اڏامي وڃي ٿي ۽ انتهڪرڻ اوجل ٿئي ٿو.

وديا وڃائي ، اوديا سڀ اندر جي ،
سورج آيو سر تي، ٿي سنته صفائي.

گروءَ جڏهن ساڌڪ جي انتهڪرڻ ۾ گيان جـــو ديپڪ ٻاريو
تڏهن ساڌڪ جي من مان اوديا جو پوت پڄي ويو .
ڏيـو ٻاريو گهر ۾ پڳو اوديا پوت .

گيان روپي ورکش جي ڇانو سيتل ۽ سکدائي آهي. ان ورکش
جي هيٺان ويهڻ سان جيو جي مـــن جي تپت مٽي ٿي وڃي
هو آتمڪ قل ڪائي پاڻ کي ٻچائي آتم پد ۾ استٿت رهي ٿو.

سدائين سيتل ڇايا ٻـوڌ ٻـرڇ جي ،
ويٺا جي ويساهه سان سي نر ٿيا نرمل،
تپت مٽي تن من جي، ڪائن آتم قل ،
پائي پد اچل ، پرچا رهن پاڻ ۾ .

ٻوڌ ٻرڇ ارٿات گيان جو ورکش ، گيان روپي ورکش جي
ڇانو سدائين سيتلتا پردان ڪري ٿي. جيڪي منش وشواس رکي
اُن ورکش جي هيٺان ويهن ٿا سي پوتر ٿين ٿا، اُنهن جي تن من
جي تپت مٽي وڃي ٿي ۽ آتم پـد ۾ استٿت رهي آتمڪ آنند
پراپت ڪن ٿا.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com




ٻردو ڏئي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري جيو پاڻ کي ٻرهم ڪان الڳ سمجهي ويٺو آهي.

محبتي مستان جهولن جهروڪن ۾.

ساڌارڻ ارٿ آهي ته ٻريمي هندورن ۾ لـڏي رهيا آهن. پر لاڪشڻڪ ارٿ آهي ته ٻريمي مالڪ جي محبت ۾ مگن رهي، ٻريتم جي پيار جي هندورن ۾ لڏي رهيا آهن.

وڪڻي ڀور ڀڳو، سمهيو سکپت سيج تي.

ڀور ڀڳن وڪڻ جو لاڪشڻڪ ارٿ آهي ته سنساري وهنوار جو تياڳ ڪرڻ. ٻريمي ٻرپنچ جو تياڳ ڪري سشوپتيءَ جي سيجا تي آرامي ٿئي ٿو.

ورڻ مئتريءَ ورڻ سنگتي :- ساميءَ جي سلوڪن ۾ ورڻ مئتريءَ ورڻ سنگتيءَ جو سندر سماويش آهي. پيش آهن ڪي مثال:

سامي اجـر امـر، پـرکـ، ڏسن پرماتما،
تپن ڪپن ڪينڪي، ڏسي مـايـا ڇـل.
مشڪن ڪشڪن ڪينڪي، ڏسي سنت سبحان،
ڪايا مايا ڪل سان، هردم رکـن هيت.
جپ تپ ساڌن جوڳ جڳ ويد وڏراڳ پڳيت.
ليکي لٿي پٿي، ٻاقـي سيکـ، سروپ ٿيو.
جنهن تن من ڌن ڏيئي پر ريجهايو پانهنجو.

اجر امر ۾ تپن ڪپن - مشڪن ڪشڪن - ڪايا مايا - جپ تپ لٿي پٿي - تن من ڌن ورڻ مئتريءَ جا مثال آهن.

.........

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پرتيڪ: سامي صاحب جـي سلوڪن ۾ پرتيڪن جو بـ
پريوگ ٿيل آهي:

چيٽي ۽ ڪنڍڙ ۾ سر ڏسن پگوان.

چيٽي (ڪولي) هڪ ننڍڙي جيو ۽ ڪنڍڙ (هاٿي) هڪ تمام وڏي جيو جو پرتيڪ آهي. ارٿات پگت ننڍڙن وڏن تي ۽ مهان سڀني جيون ۾ پرماتما کي پسي ٿو:

اَنڌي پهر ٻري، مهان مشعال اَندر ۾.

مهان مشعال جو پرتيڪ آتما لاءِ آهي:

چڙهي رنگ محل ۾، ماڻي موج اڏ ڪ.

رنگ محل جو پرتيڪ آهي آتما ۾ استٿت رهڻ جي منزل.

مَن سوڌا ميدان مون، جن يوڌا پنج جيتا.

پنج يوڌا پرتيڪ آهي پنجن وڪارن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه اهنڪار جو.

## صالح فقير:

صالح فقير شاه عبداللطيف جي مريدن مان هو. هن درويش شاه صاحب جي ڪلام جو ڪافي مطالعو ڪيو ۽ روحاني رنگ ۾ رڱجي ريٿو ٿي پيو. مرشد شاه لطيف جي ڏنا ۾ هـن فقير ڪجهه بيت چيا آهن، جن مان سندس عقيدتمنديءَ جو اظهار ٿئي ٿو. شاعر شاه لطيف جي اونهي عميق سان بيت ڪندي چوي ٿو:-

سيد پير سمند هي، انت نـہ جاڻي ڪوءِ،
ماڻڪ پاوي سوءِ، ٿر ٿر سيوا جو ڪري.

......

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

## خليفو حاجي عبدالله:

خليفو حاجي عبدالله سنه ١٧٥٣ع ۾ خليفي محمود صاحب جي گهر تولد ٿيو. خليفو محمود صاحب ڀرين هڪ وڏو امير ۽ زميندار هو، مگر هن پوءِ اميري ڇڏي فقيري اختيار ڪئي. ڏٺي ۾ جي عبادت ڪندي روحاني فيض حاصل ڪيائين. سندس ڪيترائي مريد ٿيا. سندس راهه رباني ورتائين. سندس فرزند حاجي عبدالله سجاده نشين ٿيو. حاجي عبدالله صاحب ليلا مجنون جي ڪهاڻي نظم ۾ قلمبند ڪئي. ان ڪهاڻيءَ کي هن درويش روحاني رنگ ڏنو.

جڏهن مجنون (قيس) پنهنجي ملڪ مڪه ۾ ليلا جي سونهن جي ساراهه ٻڌي، تڏهن ان ڏني ٻي سندس دل ۾ ٻرهه جي باهه ڀڙڪو کاڌو، مٿس محبت جي مستي طاري ٿي. سندس ان حالت جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

ماڻهو آيا مڪي جامڙئي سي مڙئي،
فرهي آهه فڪر جي کهڙي قيس پڙهئي،
قضا ڪم قادر جي پيس انگن اڙئي،
جت چڙئي جي ڳالهڙي ڪاڇا آهه چڙهئي.

ليلا جي ٿرد مجنون کي ديوانو ڪري ڇڏيو. شاعر سائس همدردي ڏيکاريندي چوي ٿو:

جت ٻاهه ٻري او جاءِ جلي خبر ٻاڙي پوي ڪئن؟
لڳي هوءِ نه ڪل پويئي نت پڇ لڳيان سئن!

شاعر مجازي عشق جي ڪهاڻيءَ کي حقيقي رنگ ڏنو آهي.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته عشق جي راهه
جي مهامائي بابت ڪنهن ڪان ڪين پڇ. مالڪ جي محبت
جو راز ڪنهن سان ڪين سل:

غلام علي عشق ۾، پڇي پنڌ م پؤ
ڳالهه پرين جي ڳجهه جي، ڪنهن کي ڪيم چؤ.

سندس ڪلام ۾ سلاست آهي.

## محمد راشد رحمت الله عليه:-

پير سائين محمد راشد رحمت الله عليه سنه ١٧٥٧ع ڌاري
رحيم ڏني ڪلهوڙي جي ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. هي صاحب سچل
سائين جو همعصر هو. عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو. شعر و شاعري
جو شونق هوس. سنڌيءَ ۾ مولود چيا اٿائين. سندس شعر
جون ڪي مصراعون پيش آهن جنهن ۾ هي صاحب محبوب جي
عنايت لاءِ منٿ ڪندي چوي ٿو:

وڃي عرض چئو منهنجو پيش پرين،
سٽين حال منهنجو شال غور ڪرين،
پڌي دانهن منهنجي پوي ٻاجهه پرين.

Gul Hayat Institute

پير صاحب جي شعر ۾ سلاست آهي.

## صادق فقير:-

فقير محمد صديق (صادق) اٽڪل سنه ١٧٦٥ع ڌاري سعد جي
پوري ناري ڳوٺ ۾ ڄائو، ذات جو سومرو هو. شروع ۾ ائي
سندس رغبت رب طرف هئي. هي خدا ترس شخص ڪيترو
وقت ذڪر جي عبادت ۾ گذاريندو هو. روحاني راهه ۾ وڏيڪ
وڪر وظائف لاءِ هي صاحب ٻهوڪري جي سجاده نشين فقير

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com

Page # 205

چوراسي لک جوڻين جي چڪر مان مڪت ٿي پوساگر مان پار پهچڻ:

دلپت سر صدق سان اُيو گرو تان گهور،
تان ترت رسين توڙ ڇڪين چوراسي پنڌ ڪون.

ڪوي دلپترام جي ڪاوِيہ ۾ ويدانتڪ ويچار سمايل آهن.

برهم:- ڪوي دلپترام اندر ٻاهر ارٿات انڀڪرڻ ۽ جگت ۾ هڪ برهم کي ئي پسي ٿو. اُهو برهم اسٿول اکين سان ڏسڻ ۾ ڪين ايندو. اَندر جي اَکين سان ئي پرماتما جو پرڪاش پسي سگهبو:

اَندر ٻاهر سڀ ۾ جانب آهي ظهور،
پر بنا اکين اَندر جي ڪو ڏسي سگهي نہ نُور.

......

اَندر ٻاهر ايڪو ظاهر صاحب ايڪ سبحان.

ساري سرشٽيءَ ۾ اُن برهم جو چمڪات ۽ پرڪاش آهي:

اَندر ٻاهر سڀ ۾ هڪ چيتن جو چمتڪار.

پرم برهم جو نرگڻ نرپکش آهي سو آتما روپ ۾، سڀ ۾ وياپڪ آهي:

نرپکيہ نرگن سڀ ۾ آتما اظهار.

برهم آتم روپ ۾ سڀ هنڌ وياپڪ آهي:

سرو وياپي آتما سو ڏٺي نہ ڏيائين.

ڪاشيءَ ۾ ڇاهي ڪعبہ ۾، مندر ۾ ڇاهي مسجد ۾، ٻاهر ۾ ڇاهي ٻهل ۾، ڪٿ پن مطلب تہ هر چيز ۾، هر اَستان ۾ هڪ برهم وديمان آهي:

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مڙهيءَ ۽ مسجد ۾ روشن هڪ ڏيو.

......

جي ٻٽڙ ۾ پاڻ ڏٺي تان ڪرڙ ۾ ڪير،
ڪک پـن ۾ پڌرو آهي پريان سندو پير.

”ايڪو هم ٻهو سيام“ ويدانت واڪيہ جـي جهلڪ پڻ ڪوي دلپترام جي سلوڪن ۾ ملي ٿي. ڪوي دلپترام چوي ٿو تہ برهم چوراسي لک پوشاڪون پهريون آهن. ارٿات سڀني جيون ۾ پاڻ آهي. سنت دلپت جي مول لفظن ۾:

لک چوراسي چولا چيتن پهريا رنگا رنگ اپار،
اڪي هن لباس ۾ تو کيل ڪري کيلار.

پرم برهم اصل اويڪت آهي مگر سندس اڇا ٿي تہ جگت جي رچنا ڪريان. هريءَ پنهنجي اڇا انوسار جگت جي رچنا ڪئي آهي ۽ پاڻ ئي جدا جدا روپن ۾ حاضر آهي:

اصل اويڪت هو هڪڙو پـرم پرک پران،
اڇانڪ اپيءَ اوچتي ۾ چت انڇا آن،
رندا رچائي رچ مـون پنهنجي پسط ڪاڻ،
بازيگر جان بازي پاڻ ـي وجهي غير گمان،
طمع تماشي پانهنجي پـاڻ اٿيو بوستان،
گهڙي مو رنون متيءَ جون عالم ڪيائين عيان،
پاڻ ايشور جيءُ ٿي جڙي ٿيو ٿيڻي جهان،
پاڻ پرتوي جـل واءُ ٿيو پاڻ اگـم آسمان.

جيوُ:- ڪوي دلپت جيوَ کي جاگرت ڪندي صلاح ڏئي ٿو تہ هي جيوَ! تون دويت جي ٻولي ٻولي سمسن پرين ۾ پلجي نہ وڃ! پرماتما تنهنجي اندر ئي وياپڪ آهي اُن کـي پراپت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جا ناما ڀڳوتي اڀيوڪرتا ۽ ڀڳتي ڀاڻي سولائيءَ سان دلبر جو ديدار ڪن ٿا:

دلبس ايڪ ڪسڪان جي ڀاڻن ڪي ڪمائي،
جن اڀاڻ ايمان ڪي ... سو ڦاڻي،
تن ڏاو ڀڳوتي ڏيل ۽ الک آسماني،
ڀڳتي ورا ڀــاڻا ۽ سروپ سڃاڻي،
ڪڪتي اي ڀاڻوي، تن جو ڙا جهڙي ڀاڳ سان.

سائين دلپترام جي وچار انوسار جيهن ڀاڻا ڪي جهيڙي ٿي ماري ڇڏيو آهي ارڌاسڀ ڀڳوتي من مواس ڪي قابو ڪيو آهي سو اڪال آهي، مڪس آهي:

تن مرڻا ليو معاف، دلپتس جي مري جيڻا من ۾.

يوگ:- سائين دلپترام جي ڪاويہ ۾ ڪٿي ڪٿي يوگ سادنا جو اشارو ملي ٿو. ڪوي سادڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ پراڻن کي دسوين دوار روڪي پرڀرهم جو ڌيان ڪندي سرتيءَ جو شبد (گرمنتر) سان ميلاپ ڪري ٽڪليءَ جو محل کولي ارڌاس اڙا پنگلا ۽ سسمنا ناڙين دواران پراڻ وايوءَ کي ٽڪليءَ ڏانهن ڪڍي آتم آنند پراپت ڪر. اهين ٽوکي دويہ جوتيءَ جو درشن ٿيندو:

گهڙي گگن غفا ۾ ناڻگا ناٿ نهار،
سوار ٿي سرت سوريءَ ٿي گر جو واڪ ويچار،
پڌا زبان ذڪر جو سوئي شبد سڌيار،
کولي محل ٽڪليءَ جو جوڳي ڪر جهار.
جڏا ڏيٺي جيءَ کي، تان ڪلي نور نروار.

رام نام جي اهميت:- جيون ۾ رام نام جي سمرڻ جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سرڳڻ نرڳڻ روپ پي ان تي پري اروپ،
اڻ تڻ ٿي اندر ۾ لا يــو سون شور.

سامي ڪامي، نرڳڻ، اڻ تڻ ورڻ مٽيريءَ جا مثال آهن.

انجنيس حرفي :-

پنج پوري پرم ڪي پيهي پاڙ سچاڙ،
چيري چيري چت ڪـــي چشمن ڪيو چور،
سچڙ سڪ سرس ڪر نت اڳي ڪون نگهتيچ.

هنن مصراعن ۾ پنج پوري، پرم، پيهي پاڙ، چيري چيري چت، سچڙ سڪ سرس، انجنيس حرفي جا مثال آهن.

ايما :-

ڻن لتو لنور جا ويڙو جيءَ جڙي.

پريميءَ جو تن ڀاهه جي ٻني وانگر ٻرهه جي ڀاهه ۾ جلي رهيو آهي.

روپڪ :-

صاڻ ڏيئي سچ جو من جي مارج مر.

ڪوي ساڌڪ کي صلاح ٿو ڏئي ته سچ روپي صاڻ سان من روپي ڪپڙن جي ميرا ڻ صاف ڪر.

چڙهي گهوڙي گيان جي هلڪي هل هيڪار،
ڪڻ سائي سونهان پــاڻ سان وويڪ ويچار.

اي سالڪ وويڪ ۽ ويچار روپـــي سونهان، سائـــي ســاڻ ڪري گيان گهوڙي تي سوار ٿي پرماتما جي پار ڏانهن پرج.

شانت رس :- ڪوي دلپترام سمت ڪوي آهي ڍڍڪري سندس ڪاوِيه ۾ شانت رس پرڌان آهي. سندس سلوڪن پڙهڻ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

فقير نانڪ يوسف پاڻ گهڻو وقت سڪون ۾ گذاريندو هو. پنهنجي ڪلام ۾ چپ جو ذڪر ڪندي شاعر نانڪ يوسف چوي ٿو:

چپ چواڻي چپ جي باٽ مون آهه باڻي يار چپ،
باغ چپ بازار چپ، بازار جو واپار چپ،
شهر چپ ۽ هر چپ، سارو ئي سنسار چپ،
نانڪ چپ، يوسف چپ، درد جو ڏڏڪار چپ.

شاعر سواس سواس سائين کي سنڀارڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

رک خيال هڪو هڪ دم دام دم دم وچ خوف خصم دا.

دنيا جي بي بقائي ۽ بي وفائي جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

دنيا دو رنگ ٻوهي بازي اجائي اٽڪو
فاني فدا گذر ۾ آهي لاڙ ڪوڙو لٽڪو.

فقير نانڪ يوسف بيت ۽ ڪافيون چيون آهن. سندس ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميناج آهي- تجنيس حرفي ۽ سرائڪي لفظن جو استعمال ٿيو آهي.

Gul Hayat Institute

## صوفي جلال فقير:

صوفي جلال فقير ارڙهين عيسوي صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي. هي صاحب پنهنجي دؤر جو ڪامل درويش ٿي گذريو آهي. هن صاحب سنڌيءَ ۾ شعر چيو آهي. سندس شعر جو مجموعو 'اگم پرڪاش' اڃا شايع ڪين ٿيو آهي. 'رتن امول' ۾ هن صاحب جا ٻه بيت درج ڪيل آهن، جن مان سندس شعر جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


دنيا مان چالاڪو ڪيو. هن صاحب ميرن ۽ شاهه شجاع جي جنگ جو ذڪر پنهنجي بيتن ۾ ڪيو آهي. شاعر سنڌي سورمن کي سارا هيندي شاهه شجاع کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

شجاع! ويهه م سنڌ، اوڏا اجهري اڀرا،
هتي رواب رند، ولن قلعي ڪوڏيا،
ڪونڌ قلعي جا ڪوڏ تا، نونڌ نچندا پس،
چڙي لن لرس، پلتبو شاهه پناه لي.

.......

متي آرڙ اچ، ڪونڌر ڪنڌي آنيا،
اڙ ۾ پهلوانن کي، لڏيا ڏني نه لج،
پيٽيو وڃن پيج، سالو لين سامهون.

## لعلو ليوڙي:

لعلو ليوڙي "حفيظ" هڪ الوزعيل ۽ قابل شخص هو ۽ هن صاحب سنڌي ۾ 'مومل راڻي' جو قصو بيتن ۾ چيو آهي. سندس بيتن ۾ ڏهه ڏهه ٻارهن ٻارهن مصراعون استعمال ٿيل آهن. سندس بيتن ۾ رس، رواني ۽ مهناج آهي. سندس 'مومل راڻي' جي بيتن ۾ سنيوگ شرنگار ۽ بيوگ شرنگار آهي. راڻو جڏهن مومل جي حالتن تي شڪ ڪري ٿو تڏهن هو اهڙين ڏٺيءَ کي التجا ڪندي چوي ٿو:

سوڍو اڻيو سنيري، ڪوهو ساهي ڪر،
سنڀاليو سمجهان کي لو ياڪ مڱي ياڪر،
لَ مهت ڏيارج مون ڏٺي، آهيان لو آڌر،
هاڻي هڪ هيڏن ۾، منهنجي يعب رکيج اوڙر.

سچو ايمه ايش نه ڪري ... ڪي مصراعون ايش

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


ڪيون ويو آهن. مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته هن شاعر جا بيت
تمام لڏبا آهن.

مومل راڻي جي فراق ڦوڙائي ۾ سوز پيدا آلاپ آلاپيندي
چوي ٿي :

ساهه مهنجو سڙين، توکي سويل ٿو ساري،
آءٌ پرين ڏس پاڻ ڏي ڪو ننگ نهاري،
ڇڏي جيئاري، تون هيڪر وڃ حفيظ چئي.

حفيظ جي ڪلام ۾ سلاست ۽ فصاحت آهي.

## اُميدعلي شاهه :

اُميدعلي شاهه قطب شاهه جو فرزند هو. هن صاحب پنهنجي
بزرگن جو ڪلام سهيڙيو. پاڻ به ڪجهه بيت چيا آهن. شاعر مير
غلام علي خان جي ثنا ڪندي ڪيس دعا ڪندي چوي ٿو :

ميرن موچارو هٿين، غلام علي گلزار،
هندسنڌڪيچ قابل، قنڌار، توکي ڏيهه پرينديا ڏاڙ،
هندن جا همت پڏي، آنڌا، حيدر هاڻ،
پرور تو سان پاڻ، آهي اُميد علي چوي،

.........

ميرن موچارو هٿين، برڪت مديني جام،
توجي ڪهڙا ڪلام، سي اگهڙا در الله جي.

## محمدعارف "صنعت"

محمدعارف صنعت سنه ١٧٩٠ع ۾ تولد ٿيو. کيس ننڍپڻ کان
شاعريءَ جو شوق هو. هي صاحب عربي فارسيءَ جو عالم هو،

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

زندگيءَ جو پويون دور گوشه نشينيءَ ۾ گذاريائين. سنڌس اوائلي تخلص عارف هو ۽ پوءِ وري 'صنعت' تخلص استعمال ڪيائين. فارسيءَ ۾ سنڌس 'ديوان صنعت' قابل ذڪر آهي. هن صاحب سنه ١٨٥٣ع ۾ وفات ڪئي.

محمدعارف صاحب شيخ سعدي جي 'ڪريما' جو سنڌي شعر ۾ ترجمو ڪيو. دنيا جي بقائيءَ جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

نه آهي بقا جڳ کي حاصل ابا،
وڃائج نه هي عمر غافل ابا،
نه رک دل، جو هي ماڳ آهي فنا،
جو اُن ۾ رهيو ڪونه غم کان ابنا.

تواضع مان کھڙو فيض حاصل ٿئي ٿو تنھنجو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

تواضع ڪرين جي تون اختيار،
ٿئي خلق جڳ جي سندء دوستدار،
تواضع وڏائي تنھنجو مرتبو،
نه جڳ سج کان چنڊ کان پرتو،
تواضع آهي سر بلند جو پاڳو،
تواضع فقير اصل مرڪ ماڳو.

محمدعارف صاحب جي شعر ۾ نصيحت آميز نڪتا به آهن. مٿين مصراعن ۾ شاعر نوڙت اختيار ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. شاعر ڪوڙ جو ڪندن ڪندي ۽ سچ ٻولڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

پرو ناهه ڪم ڪوڙ ڏاران ٻيو،
ٿئي ناءَ ڪم ڪوڙ مان جنهن ڪيو،

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com

Page # 229

سنڌس ڪلام ۾ سوز ۽ گداز آهي. سسئيءَ پنهونءَ جي فرقت ۾ چوي ٿو:

آءٌ جڏاڙئي جٺن ري، ڏهلا ڏينهن ٿيام،
مادر مينهن وٺام، ڦوڙائي فراق جا.

.........

آيل پنيان اڃ منهن مٺو هٺن سان،
پنهو نيائون پار سين، جٺن آيو سنجه.
ڏيرن ڏنو ڏ منجهه، مون نماڻيءَ کي جيڏيون.

سر ساموندي ۾ وڇاري جي ور هڻي ويوگ ۾ ويٺت پڪاري ٿي:

الله سي اچن ڏني جني ڏينهن ٿيا،
سائين ساموندين، واءِ سٽائو وارئين.

.......

مون ابني تڙ ڪنار پرين پڳهه چوڙيا،
ڪڏهن ايندو يار، ساموندي شريف چئي.

مومل راڻي جي جدائيءَ ۾ برهه جي برسات وسائي ٿي:

سوبا تنهنجي سڪ جو، مٺي مون مينهن،
راڻا تنهنجو نينهن، وئيو ويني آهيان.

سر پورب ۾ شاعر ڪانوَ کي نينهن جو نياپو ڏيندي چوي ٿو:

آ ڪانگا لڏ لوڏ، ڏي سنيها شريف چئي،
جن سان هينڙي ڪوڏ، سي ڪڏهن ايندا سپرين.

شاعر پنهنجي ڪلام ذريعي سالڪ کي سهٽيون صلاحون

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


۽ ڏنيون جن تي عمل ڪرڻ سان ڪيس روحاني فيض حاصل ٿيندو:

ڪرڻ توڪل تـار ۾، ساجو جهل سڪان،
ساري ڪـرڻ شريف چئي، سفر جو سامان،
ڌان نہ ڏسين طوفـان، سمنڊ سنڌي سير ۾.

......

ساموندي تو سنجهين ساجو جهل سڪاڻ،
پورينڌي ان پار ڏي، پاڻ نہ ڪٽج ساڻ،
چل وڃائي جاڻ، وحدت جي درياه ۾.

سالڪ کي روحاني راه ۾ پاڻ فنا ڪرڻو آهي، تڏهن ئي هوُ دلبر جو ديدار ڪري سگهندو. سالڪ کـي سستي ڪرڻ نہ جڳائي:

ويهہ م ويرم ۾ ٽڪي، پاءِ وڏندي وک،
توڏا وڃن تک، پر تـــ ڀڄين سستي.

سڪ اسم ذات آهي پـــر شاعر اُن کي آڪار ڏئي سهڻي انداز سان پيش ڪيو آهي:

سڪ سمهڻ ڪين ڏي، نڪو ڪري سڪ،
ڏوري ڏسي ڏک، جتي پريــن جو.

شاعر مارئيءَ جي محبت جو ۽ مارئي چتر چٽيو آهي:

مليـر جنهجو ماڳ، سا ڪيئن وهي سيج تي،
سانگيڙن جو شريف چئي، ساري ٿي سهاڳ،
جيڪر پريس پاڳ، تہ وري وڃي وڙهہ ڏي.

قنبرعلي صاحب جـــي شعر ۾ سلاست ۽ فصاحت آهي.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تون جن ڪيس رام جي راهه ٻڌائي. ڪوي ۽ جو اهو وشواس آهي ته سچو ستگرو ئي شانتي بخشيندو، من جي ڇڪتاڻ گهٽائيندو ۽ دلبر جو درشن ڪرائيندو.

نهال وڃان تنهن تان صدقي،
جيڪو راهه ٻڌائي رام جي،
نهال چوي ڏيندو ستگرو ساچو دلاسو من کي؛
من کي ووء، جيڪو راهه ٻڌائي رام جي.

سيٺ نهالچند چوي ٿو ته منهنجو ٻخت ٻالا آهي جو مهاراج پرمهنس ستگرو ۽ روپ ۾ پراپت ٿيا آهن.

نهال وڏ ڀاڳي، پرم هنس گر پائيو.

شري نهالچند سادڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته گروءَ کان گيان پراپت ڪري، سنيهه جو چشمو پائي ساڌنا ڪر ته توکي آتمڪ آنند روپي ميوو ملي.

وڃي گيان گروءَ کان، چشمو چاڙهائي،
چم جو چيرائي، ته نهال ميوو ماڻ تون.

سنت نهالچند جي سنڌي ڪوتا ۾ سندس اداراشنڪ ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي.

سنت نهالچند اَنوسار برهم اَسانکي پنهنجي اَکين کان ٻ وڌيڪ ويجهو آهي پر اَسان پرماتما کي پاڻ کان پري سمجهي وينا آهيون.

جسڪو جانو جيءَ پري، سو نهال اَکين اوڏڙو

جيو برهم کان جدا ڪين آهي. پنجن تتن جي پتلي ۾ به پاڻ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

سنہ ١٨٥٠ع ڌاري فتحپور ۾ وفات ڪيائين.

رمضان صاحب سنڌيءَ ۾ مولود، ڪافيون ۽ معجزا چيا آهن. مولود ۽ معجزن ۾ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ثنا ڳائي اٿس ۽ ساڻ ساڻ سالڪن ڪي سهڻيون صلاحون ڏنيون اٿائين. مثال ’هرڻي‘ واري معجزي ۾ شاعر سالڪ کي چوي ٿو:

انت پنهنجي عشق جو، سڌ ڏس نـه ٻئي ڪنهن کي ڏجي،
حب هنئين منجهه حال هردم، ڪل نہ وڃي ڪنهنسان ڪجي،
جاڪون جئين دم زندگي، ناڻو نباهي نينهن ڪجي،
نفس مدعي نور ناقص، ڏيءَ نـه ڪنهن ڏپ ڪان ڏجي.

رمضان صاحب جي ڪلام ۾ سوز ۽ درد آهي. خاص ڪري ڪافين ۾ سنڌس فراق ۽ درد جي جهلڪ ملي ٿي:

هڪ قوڙائو فراق فلق، ٻيو ڳرهڻ ڳالهه ڳري ٿي،
ڪريان آهه اداس اٻر، منکي چوندو لوڪ چري ٿي،
چڪي چاڪ پڻام، الله شل آڻيندو!

رمضان صاحب جي شعر ۾ تجنيس حرفي ۽ تشبيهن جو چڱو استعمال ٿيو آهي.

تشبيهه:

سي ڪاميو وڃن خاڪ ٿيو، ٻيو اتنگن جان،
جئن چندن وڻ چاڪو، لئن پرت ٻيڇ ٻيا.

## ٩٣ محمد اشرف شاهه قريشي:

پير محمد اشرف شاهه قريشي سنہ ١٨٠٢ع ڌاري ٽنڊي الهيار جي اڪرم ڳوٺ ۾ شيخ محمد غوث جي گهر تولد ٿيو. والد

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com
Page # 237

جي ڳداري وچڙ بعد ھي ڪاماري ۾ اچي رھيو. ھي صاحب ڪامل درويش ھو. ھــن درويش ڪافيون، بيت، مولود ۽ مداحون لکيون آھن. سندس ڪلام ۾ سلاست ۽ فصاحت آھي. شاعر إنسان کي بيدار ڪندي چوي ٿو:

لون لون لکين لڙ ڏيهي، ھي ڏيھ نہ چاڳج پنھنجو،
حب وطن جي غالب جن کـي،
ناھ جميعت کـا ٿر ڻن کـي.

شاعر سسئيءَ جي روپ ۾ پنھنجي فراق واري حالت جو ذکر ڪندي چوي ٿو:

ويندي ڙاڻن رت ياد سدا جيءَ ۾ جت،
سو وري ڪڏھن وساريان.
آڏيءَ رات اُتي ويا آڀل پيرم نہ اُت،
سرھو سات سنگت تي ساريان.

اعليٰ شاعر وسيع دل ٿئي ٿو. ھو سڀ جو خير خواه ٿئي ٿو. شاعر پير محمد اشرف شاھہ پڙ بادلن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

بادل وسي ڪري وس، ڌ عالم آسودو ٿئي،
پٽ پٽ سرن سنڌ ۾ وڄن جال جرس.

ھن بيت مان شاعر جي حب الوطني بہ ظاھر ظھور آھي. شاعر پاڪنبلي پيرن تي طنز ڪندي چوي ٿو:

نالـو پنھنجو پير سڏائين،
مڪر ڪيو ٿـو مريد ڳڏائين،
اسباب سـان اُت لڏائين،
پـري در جو پيريءَ جو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


سهڻين رنگ تماشا ڪري ٻـاز ٻهري ٻچـي،
ٻچل ڪنهن سو رمي سچي، ڪچي ڇڏيا ڪن ڪميني جا.

عمر گذرندي ٻڍي وڃي انسان ٻاڙاڪي نثر ٻچائي. تنهنڪري فقير ٻچل شاهه چوي ٿو:

ٻاڙ ٻنهنجو ٻاڙ ۾ جن ڏٺو نه ٻيهي،
ٻچل هن ٻناق جي ڪل تنهين ڪيهي،
وهامي و ٻڍي، وڃي گهڙيون ڏس گهڙيال جون.

شاعر صوفين جون خوبيون هيٺ ڏنل ڪافيءَ ذريعي ٻيان ڪري ٿو:

صوفين صفا ڪيو ڏوئي، اندر ٻنهنجو اجارن ٿا،
من ۾ مڇ محبت وارو دونهون درد دکائن ٿـا،
لوڪون لڪائي لڪ اندر جو، ٻاهر ٻاق نه ٻڌائن ٿا،
ٻتنگ ٻيڇ ٻرين سان ٻائي محبت مڇ مچائن ٿا،
ٻچل ٻرهه واري ٻات ڪنهن کي ڪين ٻتائن ٿـا.

ٻچل شاهه سالڪ کي هستي وڃائڻ جـي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

وڃائي تون وجود کي ٻاڙون ٻاسي ٿيءُ،
هڏهن ڪونهي هيءُ، هو ٻڙ ناهي هن ري.

ٻچل شاهه جي ڪلام ۾ مينتاج ۽ موسيقي آهي.

## حمل فقير لغاري:

حمل فقير ڳوٺ ميرخان لغاري خيرپور رياست ۾ سنه ١٨٠٩ع ڌاري رحيم خان جي گهر ڄائو. رحيم خان کي چار فرزند اڳ ٿي ڄڻا. هي سندس ٻنجون فرزند هـو. رئيس ميان سعيد خان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


آيل ڪم نہ اُجهي، نڪا نفل نماز،
حمل حبيبن جــي رمـــز چڱائم راز،
الستي آواز، منهنجو چت چريو ڪيو.

شاعر حمل هڪ ٻئي بيت ۾ آکي ٿو تہ مان منهنجي محبوب جي ملڪ مان آيل ڪاري ڪتيءَ مٿان ٻـــ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيان:

ٻريان سنڌي ٻار جي ڪتي اچي ڪاري،
نہ هوند سڀ لغاري ان ڪتيءَ تان قربان ٿيون.

حمل مجازيءَ تان موٽ ڪائي حقيقي عشق جـــي راهہ ۾ اڳتي وڌيو ۽ چيائين:

ڪريون عبادت ڏينهن ۽ رات حاصل ڪريون حق جي ذات،
شرع موافق ڪريون عبادت، صحي سڃاڻون شـان شريعت.

حمل حقيقي عشق جي راهہ ۾ هلندي شريعت ۾ شرڪ نہ آندو طريقت کي ترڪ نہ ڪيو، معرفت جي مام کي ڄاڻو ٻرپنءَ کي پاڻو.

روحاني راهہ ۾ ڪامل مرشد جـــي سخت ضرورت آهي. مرشد جي ثنا ڳائيندي شاعر حمل چوي ٿو:

مرشد آهين مشڪل ڪشا راهہ رفيق و رهنما،
سڄ عرض آزي التجا فـرياد رس يـــا مرشدا!
مرشد مدو ماهہ تون، هيڻن سندو همراهہ تون،
ٻي راهہ کي ڪر راهہ تون، فرياد رس يا مرشدا.

مرشد ئي حق جي راهہ ڏيکاري دنيا جـي درياهہ مان ٻـار لڳائي ٿو تنهنڪري حمل سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com




سچو معنيٰ سڪ، پرين معنيٰ پرين، محبوب معنيٰ محبت. پنهنجي حمل سڪ ۽ سچ ۾ سنڌوئي ڏٺو رکي:

سچو سچوئي سڪ سڪ لڳ، نانءُ سچو جو،
مورت سڪ سچ جي سڪ ۾ ڪيائين لڪ،
ماڪيان مني پانيان پريان سنڌي پڪ،
هئاسون هڪ ٻر حسن منجهه جدا ٿيو.

حمل جي ڪلام ۾ فراق آهي. جانب جي جدائيءَ ۾ حمل پڪاريندي چوي ٿو:

پنهنجي ريجهه رهاڻ، ڪنهن دم وسري ڪين ڪي،
رالو ڏينهن روح جي، آهه توڏي تاڻو تاڻ،
اچين هوند حمل چئي، هيڪر مون وٽ هاڻ،
نان ڳري لڳي ٿو ساڻ، روئي روئي رڄ ڪريان.

......

سڪندي ٿيڙم سال، تو سڪ نه لائي سپرين!
اَئي پهر اَندر ۾ آ پنهنجي سڪ سنڀال،
اچين هوند حمل چئي ڪري پلائي پال،
نه ملڪ منڍيون سڀ مال سرسوڙو صدقي ڪريان.

پنهنجي زندگيءَ جا تجربا ۽ آزمودا به حمل صاحب پنهنجي ڪلام ذريعي پيش ڪيا آهن:

هيءَ هيءَ هيءَ هاءِ محبت ويئي ملڪ مان،
جتي قرب ڪمال هو اُتي لاءِ نه ساءِ،
حمل چوي هن ڳالهه جو ڪونهي سڌ سماءِ،
ڪوجو وريو واءِ، ماڻهو سڀ متجي ويا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

......

جن چيو ئي جيءَ، سي اڄ ٻوڌ نه چون ٻاجهه مون،
جن ڪارايو خوشيءَ مان، سي پاڻي چون نـــه ٻيءَ،
هوڏهن هونءَ حمل چوي، هت حال منهنجو هيءَ،
رحم رب ريءَ، ڪير اڄ ڪنهن ئي ڪري.

يارن جي بي وفائي ۽ خود غرضيءَ جو ذڪر ڪندي حمل چوي ٿو:

ياراني يارن مان وئي ڙي ويئي!
گڏيل هئي گمان ۾ ســـا پڌري ٿي پيئي،
ڪوڙي لاٽ لباس جي لائن ٿا ليئي،
ڪم لٿي ڪاغذ جيان اُڇلن اڳيئي.

حمل صاحب مادر زاد شاعر هو. سندس شعر ۾ سلاست ۽ فصاحت آهي رواني ۽ رس آهي. معنوي صنعتون به سندس ڪلام ۾ موجود آهن ته تجنيس حرفيءَ جو به واهه جو استعمال ٿيو آهي. تجنيس حرفيءَ جو مثال:

پيرو پڪا پٽ ٿي ڏونرن جون ڏاريون،
ڏنم ڏاڏائي ڏيهه ڏي چاهندي چاريون.
.........
جاڏيءَ جو جيئڻ ڪونهي جانب جت ري.

حمل جي اڳ ذڪر ڪيل بيت "ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ" ۾ ڪاڻ لفظ جو کهڙي نـــه قابليت سان استعمال ڪيو ويو آهي. شاعر جي شاعراڻي قوت ۽ صنعت ان بيت مان ڏسي پانهي سگهجي ٿي. حمل فارسي ۽ پدڃايءَ جو بـــه ڄاڻو هو مگر هن پنهنجي سنڌي شعر ۾ ٺيٺ سنڌيءَ جو استعمال ڪيو آهي. حمل جي سرائڪي ڪلام ۾ به پنهنجي لطافت ۽ خيال

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪنڌي چوي ٿو:

اُڄ مروت ۽ وفا منجهه آدمين آهــي اليــ،
پڻ صداقت ۽ صفا منجهه آدمين آهي اليــ،
آدمين سان آدمي دل ۾ رکن دولاب کي،
خوف تنهنجو يا خدا منجهه آدمين آهي اليــ.

شاعر پنهنجي اُجرائن جــي تاثرات پنهنجي غـزل ۾ پيش ڪندي صلاح ڏئي ٿو:

دنيا سان ۾ رک يـــار يـاري ڪڏهن،
جو ڪنهن سان اُن پت نه پاڙي ڪڏهن،
طلب اُن سنڌي محض تاوان آهـ،
۾ ڪر لاء تنهن تـــات تاري ڪڏهن.

شاعر عشق جي اهميت واضح ڪندي چوي ٿو:

عشق وارن ڪان اُچي سڪ پرهه بـاب،
آهـــي اي ۽ نڪتو عجائب انتخاب،
جي امانت عشق جي آئــن بجا،
حشر ۾ اُن ٿي نـــه هوندو ڪو عذاب.

معرفت جي علم جي معلوم ڪن،
آخرت ۾ عضو ٿي اُن تان عذاب،
پڻ ڏٺي ۽ ڪان دان دهرا او لهن،
۽ ونـــن جنات ۾ جاڳهه شتــاب.

حرص هوس پڪاڻيندو آهـي. تنهن ڪري شاعر تاڪيد ڪري ٿو:

چڏ هوس ۽ خانقه ۾ خير جي،
پڙهه وچي قاسم قناعت جو ڪتاب.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جن جي اندر ۾ خودي آهي سي مالڪ جو مشاهدو ماڻي ڪين سگهندا:

جي خودي ڏي قصد ڪن قاسم نه سي،
ڪيئن خدا ڀين تين ماڻهو خود پرست.

علم جي اهميت پڌائيندي شاعر چوي ٿو:

علم ذاران ڪين ڪنهن هند آب ۽ عزت لهن،
تو ۽ جاهل جوڙ جڪ سان ڪن هزارين دول ڊب.

روحاني فيض حاصل ڪرڻ لاءِ شاعر قاسم صاحب نصيحت آميز نڪتا پيش ڪيا آهن:

امر مع الله جو قاسم سنڌس پرڻ خوف رک،
سڄ سخن سچ تو چوان، پيو سڀ قتو ڪرڪار ڪم.

......

من منجهان غفلت غلاظت غير ڪڍ،
صاف رک سينو ۽ منهن مان مير ڪڍ،
جي گهرين منجهه آخرت آجو رهان،
ڪر خدا جو خوف ۽ تون غير ڪڍ.

......

جي گهرين عقبيٰ اندر ميوا ملن،
ڪو ڀڪئي ڪارڻ اَئي جو سير ڪڍ،
قلب مان قاسم ڪڍي ڪوڙي هوَس،
هيڪ ٿي هل ۽ وڃان هي وير ڪڍ.

قاسم صاحب جي شعر ۾ سوز ۽ فراق آهي:

سمجهه لوڪي سدائي ساهه ساري ڪڏهن مدهجي اگرڻ آءَ،
محبت لو سنڌي ٿي موت ماري، وڏو جنهن گهاءَ ٿي گهاءَ.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com 



آهن. شاعر سالڪ کي صلاح ڏينديءَ چوي ٿو:

ڏسج ڏوري ڏيل ۾، ڏونگر هڏ م ڏور،
پنهون ليکي پاڻ ۾، گهتان منجهه ٿي گهور،
سينو صفا سور، ته ڏسين اوني اُنهين.

شاعر وحدت الوجود جو خيال ڪهڙي نه سليس ۽ سهڻي نموني ظاهر ڪري ٿو:

اوڏو آهي اڪين ڪان، ناهي پاڻ پري،
حاضر هرڪنهن دم ۾، ڏس دل تي ڏيان ڌري،
جهڙو منجهه ذري، تهڙو سڀ سماءَ ۾.

شاعر، سالڪ کي تاڪيد ڪري ٿو ته سائينءَ کي سڃاڻ، جو هر جاءِ موجود آهي:

سو سڃاڻج هيڪڙو، صاحب رب سميع،
جل جـــلال جميع، مخفي مورت ۾ ٿيو.

محبوب جي لاثاني سونهن جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

اکيون آب حيات، پيشانيءَ ۾ پرين جي،
ڪندو قربين جي، واڪڙ ڪهڙي وات،
نفي ۽ اثبات، حيرت ۾ حيران ٿيا.

Gul Hayat Institute

'ٽيرهي' صاحب جي ڪلام ۾ شاهه لطيف وانگر سوز و گداز آهي. فراق واري حالت جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

اکين اوهيرا ڪيا، ٿهڪن ۽ ٽمن،
جهڙ جيئن نيڻ جهمن، پساريو پلڪن کي.
......
ٽيرهو چئي تو سنڌي تن کي طلب تمام،
ٿنهنجي ورهه وساريو ڪفر ۽ اسلام،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سدا سوز فراق ۾، اچي نا آرام،
هينئڙو ٿيو همار، محبت منجھ مڃائيو.

مومل راڻي جي وڇوڙي ۾ پڪاري ٿي:

منهنجو آهي ميندرا سوڍا تو مل ساھ،
سڪ سڪايس سپرين مور نه چڙهي ماھ،
آئڻ منجھه الله، توکي آڻي تان ڏسان.

شاعر پنهنجي ڪلام ذريعي سالڪ کي سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن:

هلي هوت حبيب جو جيڏري ڏس جمال،
ڪم نه ايندء ڪانڌ ريء، ملڪ مڏي ۽ مال.

......

ڪڻ توڪل تار ۾، سنبد م ڪٽڻج ساڻ،
محبت کي مهراڻ، آڏو اچي ڪينڪي.

......

ڪتڻ سنڌي ڪار، ڪر نه ڪاهل نه ٿئين،
سنهو سٽ صراف کي ڏهاڙي ڏيکار،
ناري منجھ نهار، ته تند سڳيائي صاف.

جيڪي الله جو احسان وساري وينا آهن تن تي طنز ڪندي شاعر چوي ٿو:

پلا پون ۽ پال، پوري وساريئه ور جا.

مارئيء جي بيتن مان شاعر جي ملڪي محبت بخوبي ظاهر آهي:

مولي مهربان تي وطن واڳون وار،
سڪي ٿي ساٿيهه کي سدا منڌ سنگهار.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جي پائين تـــ وحدت ۾ ڏيـــان مڪو گل،
نه هڪ ڏس ۾ ڏس پيو ۾ چـــؤ هيءُ هوُ.

مالڪ من ۾ ئي موجود آهي تنهن ڪري شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

سير ڪري سالڪ اندر پنهنجي ڪري سب سير صاف،
تو ۾ اُيري چند تارا تو ۾ اُپ، پون ۽ قاف.

جن کي پنهنجي اندر مان ئي پنهنجي پروڙ پوي ٿي اهڙن پرين جي پاڻ‌ڌيڙن جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

جن کي حاصل پاڻ مان ٿيو پنهنجو راز،
تن جو تـــن تنبور و ٿيو سر سوز ساز.

گل صاحب جي مجازي عشق واري شعر مان بـــ حقيقي عشق جو هڳاءُ اچي ٿو:

تنهنجي ڏني اي گلبدن داڙهي کلي ٿي باغ باغ،
آئي خوشي منجهه جان و تن، داڙهي کلي ٿي باغ باغ.
آءَ جزو هڪ تون منهنجو ڪل،
تون باغ آءَ هڪ تنهنجو گل،
توڪان ڏٺيو چمت جڻ چمن، داڙهي کلي ٿي باغ باغ.

شاعر مرشد کي محبت روپي مي جـــو پيالو پيئارڻ جي التجا ڪندي چوي ٿو:

پيالو مي سندو ڏي پر ڪري، محبوب متوالا،
نه مستي ۾ محبت جي ڪيون هن هوش کي حالا.

جن جي من ۾ مالڪ لاءِ محبت آهي سي سدائين پياس جا ڪوڙها ڳاڙين ٿا. انهن عاشقن جو پريتم لاءِ روئڻ به راڳ آهي:

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com




جو غفلت يا اڻڄاڻائي جي ننڊ مان بيدار ٿئي. پنهنجي دل دلبر کي پيش ڪري ته اهڙي سڀاڳي انسان کي سمهڻ روا آهي:

جاڳي جو ستو دل ڏئي رب کي،
پلي سو سمهي گل سنڌون جنهن سڀاڳ.

گل صاحب جي ڪلام ۾ نصيحت آميز نڪتا به آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان فيض حاصل ٿي سگهي ٿو:

ٿي سنگت صحبت ۾ ماڪيءَ جئن مٺو،
منجهه ڪچڙا ڪنهن سان ڪڏو ٿي ڪم اڙهه.

......

اڻ ٻڌي ڳالهه چوڻ ناهي صلاح،
اڻ سڏيو ڪنهنجي گهر وڃڻ سڙ سڙ.

......

منجهان ديگ پنهنجي ٻڪڻي کي پڙيو،
ته ٻهر ٿئي جي چڪايوس لاس.

......

ڇوڙ مڪڙي، ايهه ڄم، وت، رس، جوان رڙهه،
هير جي ساڃي لڳي، ڪرڻ جلد سڙهه.

Gul Hayat Institute

اسين ڪيڏا نه دم اجايا وڃايون ٿا. سواس سمرڻ سان ٿي سڦل ٿين ٿا. تنهن ڪري شاعر گل صاحب صلاح ڏيندي چوي ٿو:

هل هوش رک هلڻ ۾ ڪڻ ڌيان ساڻ دم،
ڪرتات رب جي ڇڏ سڀ ڪريه ڪار ڪم،
دم جو اچي وڃي ٿو، اي تنهنجو خرچ آهه،
خرچي ۾ خوش ٿي لون، پوءِ ڏس متان ڪرين غم.

جانب جي جدائيءَ ۾ شاعر پنهنجو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com

Page # 260

ڪيندي چوي ٿو:

هوڪو همه اوست جو، سٽيو ٿيءُ هوشيار،
آڳ هي اعتبار، جو حق ريءَ آهي ڪيندڪي.

روحاني راهه ۾ خوديءَ کي ختم ڪبو تڏهن ئي محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهبو. بيدل سائين سالڪ کي تاڪيد ڪري ٿو:

خام خوديءَ جا خطرا، مڙيئي ڪج ماٺ،
قرب پار قدم، خوديءَ ريءَ ڪٽج ٿون.

......

خام خوديءَ جا خطرا، اُٿي ڪج نابود،
سالڪ تنهنجو سود، نفيءَ ڏاران ناهه ڪو.

بيدل سائين هرچيز ۾ هڪ ئي حق کي پسي ٿو. 'ايڪو برهم دوتيه نه استي' ويدانت سوتر جي جهلڪ سندس شعر مان ملي ٿي:

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، اڇو ۽ ڪارو،
نينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هڪڙو.

'تت توم اسي' ويدانت سوتر جي جهلڪ به بيدل سائين جي ڪلام ۾ آهي:

Gul Hayat Institute

پاڻ پڇهون تون آهين، ڪيڄ وڃين ڇو ڪاهين،
بيدل ٻندو ناهه تون هرگز، ڇو تو ڪوڙ ڪمائين.

اسلام جي عقيدن موجب هر انسان ٻندو آهي. مگر بيدل سائين شريعت جو پابند هوندي به پنهنجو خيال، ته انسان ئي الله آهي، اِي پاڪ نموني ظاهر ڪري ٿو:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


بيدل سائين جي ڪلام ۾ سچل سائينءَ جو نه صرف خيال مگر شبداولي به ملي ٿي :

مڙيوئي محبوب آهه، تنهن ۾ ناهه فرق،
غازي، غير غرق، ڪري سمجهه سر لون.

انسان جي ياڪ ڪي پڇاڻي نه پوءِ ڪيس دنيوي علم پڙهڻ جي ڪا ضرورت ڪين آهي :

جي تون پسين پاڪ کي، لوڙهي لعب لهو،
معنيٰ جي مهراڻ ۾، ٿئين محض محو،
ڇڏي صرف ونحو، پڙهين ورق وجود جو.

پرينءَ جي پاڻديڙن کي سمهڻ ۽ سدون ڪرڻ ڪين سيبائين انهن کي يوگ ساڌنا ڪرڻ گهرجي يعني مــن ۽ اندرين تي ضابطو ڪرڻ گهرجي :

سمهڻ ۽ سدون ڪرڻ، صوفيءَ ۾ نه سماء،
جوڳين ڪين جڳاء، ڌاران جوت جڳت جي.

سچن صوفين جو ذڪر ڪندي بيدل سائين چوي ٿو :

صوفي سوليءَ هليا، عاشق عيد نه ڪن،
آهي سندو تن، سمو سوز غذاز سان.

......

صوفي سد قتي ڪري، سمايو ۾ سڪ،
وحدت ٻنا وک، ڪاڏنهن ڪٽي ڪاڻ ڪا.

......

صوفي سدا سوز ۾، منجهن ورهه وٿاڪ،
عشق سندن اهڃاڻ، سپ دم جالن درد سان.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

تو مگر پهنجي دل به دلدار کي موڪلڻ چاهي ٿو:

ڪانگل ڪيڏي دل لو ڏيان، جانب اڳيان جي ٿون ڪڍين،
پيغام پهرين ڏج پرين کي، خط ڪان اڳي جي ٿون وڃين
مرڻ کان پهچندس ٿڌهن، اجلئون اڳي جي ٿــون ورين.

اصغر صاحب کي فراق جو شاعر سڏجي، ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪين آهي.

شاعر محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ منتظر آهي. ان سوز ۽ درد وچان آلاپي ٿو:

ڪاڏي گولهي لهان ڏي پينر، هيڏڙي هوت سنڀاريو.
١- سڌ نه مان کي سور جي ميان لا ڪنهنسان سور سلان،
هيڏڙي هوت سنڀاريو.
٢- بخت پڙائي پوري ۽ جو ميان لا سندن روءِ رهـــان،
هيڏڙي هوت سنڀاريو.
٣- امر مونسان ائين ڪيو ميان لا ڪنهنکي ڏوهه ڏيان،
هيڏڙي هوت سنڀاريو.
٤- هي ۽ حقيقت حال جي ميان لا ڪنهن کي ڪين چوان،
هيڏڙي هوت سنڀاريو.
٥- اصغر چوي عشق جا ميان لا وينئي سور سهان.

سندس ڪلام ۾ تجنيس حرفي ۽ تشبيهن جو سپاويڪ استعمال ٿيو آهي.

تشبيهه: پڄليون پهار جڳن وسن اکڙيون منهنجون روئن لڙين
اصغر عاشق آهه ائين، جو ريءَ مڇي آهي جڳين
هڪ ٻي بند ۾ ان تشبيهن جو استعمال ٿيو آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شاعر جي دل محسوسات جي ڳالهين ۾ ڪهڙي نه وسعي آهي. اِن جو ذڪر ڪندي هو چوي ٿو:

دل احباب جي ڊوڙائڪي ڏسي،
وڃي ڄاڻو ٿي ڳالهه داستان ۾.

.........

ڳالهه ۾ رمساز دلبر جا ڏسي،
سنبل ۾ گل ٿي اُها ڳهائي ادا.

شاعر محسوسات جي ڳالهه ۾ مشڪ ۽ عنبر کان وڌيڪ سرهاڻ محسوس ڪري ٿو:

يار جي ڳالهه عنبر احسان جي،
مشڪ کان آهي سرس سرهي ٻاس.

هن مصراع ۾ ٻاس واسع نظر لڳي. ٻاس جو اهڙو سان واسطو آهي نه سرهاڻ سان. شاعر کي خوشبو ٻيا ان جهڙو ٻيو ڪو لفظ استعمال ڪرڻو گهرجو هو.

شاعر گدا جي شعر ۾ جماليات جو عنصر آهي.

اهڙي حسن تي نه دل و جان ڪجي نثار،
شرمندو جنهن جي حسن کان شمس و قمر هجي.

شاعر ڪلام مجازي عشق جو مزاحاتي مانڊو ٿيو آهي. هو پڇاڙيءَ جا اڙڪ لاڙيندي چوي ٿو:

ڏاڍي جي در ڪريان ٿو روز آزي،
ڪندو ڪادر ڪرم سان ڪار سازي،
جي آهن طالب المولى ته امسڪ،
حقيقي عشق وٺ ڇڏ تون مجازي.

گدا صاحب جي ڪلام ۾ سوز ۽ گداز آهي. شاعر ٻڌائي ٿو ان حال جي ڪائيد ڪندي چوي ٿو:

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com 



اسانجي درد جا دونهان اسانجا يادگار آهن،
اسانجا هي غزل سهڻا، سرائيندا سڄائيندا.

گدا صاحب جي غزلن ۾ رواني آهي، فصاحت ۽ سلاست آهي.
مثال طور ڪجهه بند پيش آهن:

وفادار آهيون اسين ڪيڏا عاشق،
اسان سان نه ڪر اي وفائي ۽ جون ڳالهيون.

..........

دل ڪسي يار تو وجي مخفي،
ناهه لازم ته اشتهار ڪجي.

..........

دل ولي ونئين دلربا ديدار سان،
روح نيو تو رمز جي رفتار سان،
ڪرڻ اکيون ڪل يارا ماڻن سان نه مار،
چڱو زمر نون برهه جي بيمار سان.

الاهي عشق جي اهميت پڌائيندي شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو:

Gul Hayat Institute

عشق رکو مولي جو دل ۾ دمبدم،
عشق ري پيو توکي ايندو ڪين ڪم.

شاعر پنهنجي زماني جو ترجمان ٿيندو آهي. شاعر گدا پنهنجي شعر ۾ پنهنجي وقت جا تاثرات ۽ تجربا به پيش ڪيا آهن:

هن وقت ۾ هر جاءِ ڏسان زور زيادهه،
فتنه جو، لڙائي ۽ جو، شرارت ۽ شر جو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

اُن ٻاغ کي پالو لڳي جو ٻاغ جو دشمن،
صد حيف! اُنهيءَ پٽ کي جو بدخواه پدر جو.

گدا صاحب جي ڪلام ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا ٻ... ملن
ٿا. ڪيترا ماڻهو ٻئي ڪنهن جو نقصان ٿيندو ڏسي ڪِيو...
ٿيندا آهن. شاعر اهڙن اِنسانن کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو

جي آهين مرد مومن، صاحب فيض،
ڪڏهن راضي نه ٿِي، ڪنهن جي زيان ۾.

صبوح جو سوير الله جي عبادت ڪجي. صبوح جو سمهڻ
نياڳ جي نشاني آهي. صوفين چاهي سنئين پرڀاٽ جو اُٿڻ ...
تاڪيد ڪئي آهي، جاڳي جاڳي رب کي ياد ڪر. شاعر گدا
به صلاح ڏيندي چوي ٿو:

ڇڏي خواب غفلت کي تون يار جاڳ،
سمهڻ صبح جي وقت آهي نياڳ،

گدا صاحب جي غزلن ۾ فراق ۽ درد آهي. شاعر محبوب
کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

هڪ پل نه پري ٿي، مون کان پرين!
نه ته وندس رستو راه عدم،
تنهنجي فرقت مونکي ماري ٿي،
ڪر وصل جو وعدو مون سان صنم.

شاعر پنهنجي درد جو اظهار ڪندي مبالغي جو استعمال
ڪيو آهي:

سندن نيڻن جون نهرون، نت وهن جام،
لڙهان ٿو جنهن جي آب روان ۾.

مالدارن سرمائيدارن تي طنز ڪندي شاعر چوي ٿو:

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مير صاحب هڪ مسلس تواريخي تصنيف تخليق ڪئي، جنهن ۾ جنگ جو ذڪر، سروڻن جي سورمتا جو بيان ڪيو آهي. ان تصنيف ۾ منظرڪشيءَ جا ڪيترا مثال ملن ٿا. شعر ۾ مير غلام علي شينهن جي شڪار جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

وڏو شير شر زهر هي آهي خراب،
نہ جيئرو ڇڏيائين آدمي نہ ئي دواب،
گهڻو خوش ٿي چئين هي خوشي جي ٿي جا،
جو وڃي ڏنو شينهن آئي خدا،
ائين چئي هو سنيڙابو براڻي شڪار،
بهادر غلام علي هو نامدار.

مير صاحب جو ڪلام فصيح ۽ سليس آهي.

## مصري شاهہ رضوي:

مصري شاهہ سنہ ١٨٢٨ع ۾ سنڌ جي تواريخي شهر نصرپور ۾ سيد بلند شاهہ جي گهر تولد ٿيو. مصري شاهہ اڃا ٻار هو جو سندس والد وفات ڪئي. ان ڪري سندس وڏي ڀاءُ سيد فتح شاهہ هن جي پرورش ڪئي ۽ کيس تعليم تربيت ڏني. هن کي قاضي گل محمد جي مڪتب ۾ داخل ڪيو ويو. جتي هن سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتي. هن درويش 'مولانا روميءَ جي مثنوي'، 'حافظ جو ديوان'، 'سعدي شيرازيءَ جي ڪليات' جو مطالعو ڪيو.

مصري شاهہ، مصريءَ جهڙو مٺو هو، سياءُ جو سڀاجهو ۽ حليم هو. ايتري قدر جو ٻاڪ کي 'واڻيءَ جو ٻار' سڏيندو هو. هي

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan All Rights Reserved.

[illegible]
[illegible]

سچو عشق ۽ [illegible] اکين جو [illegible] سڪندي هوندي ٿو:

[illegible] جي [illegible] سڪري ساهڙ سڪ واوا،
[illegible] آهن،
[illegible] وڃي لڌون،
[illegible] ٿيا.

مصري شاهه پنهنجي شعر ۾ 'وحدت الوجود' جو بيان ڪندي چوي ٿو:

مصري مون ۾ سڪ جي [illegible] ڏس وحدت واري،
عرب هوت [illegible] عجب صورت جو.

تصوف جا ڪيئي مصري شاهه جي ڪلام ۾ موجود آهن:

ذات [illegible] ۽ نور [illegible] ساڳي [illegible] صورت جو،
سوئي عبد، احد سوئي آدم، باقي [illegible]،
دست [illegible] دستور، اي ارشاد [illegible] صورت جو.

مصري شاهه جي شعر ۾ [illegible] فيلسوفاڻا [illegible] ملن ٿا. دنيوي مال اسباب روپ رنگ جي ناپائداري بيان ڪندي شاعر چوي ٿو:

هيءَ نه لهڻو، لون نه هن جو، عمر، مايا ڪوڙ جاڙ،
مورکون ساڳيئن مسافر، رات اتو رهو ۽ رهڻ.
نانهن آهين، نانهن آئي، نانهن ۽ اڄهور ادي.

ٿوري دنيوي سک لاءِ ساري عمر پڇتائڻو پوڻو ٿو پوي:

عيش دنيا جا مزيدي مان وارا ۽ ملوڪ،
سک [illegible] ساري عمر جو سور ٿيو.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

دنيوي غفلت جي ننڊ ۾ ستل انسان کي ايدار ڪندڙ شاعر
چوي ٿو :

جاڳ ڏي جيءَ کي جهان، گهمڻ ڪيئي غفلت کي ڇڏي،
راس وڃي اُجڙيا اکيون، توکي ننڊ ڄاڻي آيا ڏي.

دنيوي عيش آرام ڪڪر جي ڇانو واڱر تمام عارضي آهن
انهن ڪري شاعر آگاهه ڪري ٿو :

پورا انهن پاءِ، ته ڪوڙي ڇانو ڪڪر جي.

مصري شاهه جي شعر ۾ سوز ۽ فراق آهي :

ڏکڻ سڪ ڏهڪي، پرين ساجن پري، ٿيون طعنا لڪا لوڪ جا.

شاعر ماڻهن جي ذريعي پنهنجي دل جو درد ظاهر ڪندي
چوي ٿو :

سهڻي سمنڊ ۾ جيئي ساوي ڪاڻ سڪ،
لڱين طلبون ۽ تانگهون، ماڙ پيئن جون من،
پائي پاس پرين، شال پلر جو پيئندس.

مصري شاهه جي ستل سائين جو اثر به نظر اچي ٿو :

تسبيح طاعت ۽ تڪيا تڪوائون وڃن ترڪ ٿي،
دين مذهب ڪٿ رهيا، ڪٿ ڪفر ۽ اسلام.

......

مجي منصور ڪيو مظهر انا الحق عشق اثباتي.

مصري شاهه جو ڪلام سليس ۽ فصيح آهي. سنڌس شعر ۾
تجنيس حرفي جو به چڱو استعمال ٿيو آهي.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سنت جيوسنگهه، ڀيڻهين سنگـر و سائين ولايتراء جـو ڏاڍو اسرائيلي آهي. جنهن مٿس مهر جي نظر ڪري اهو گيان ڏنـو جنهن ديوارن ۾ هر هنڌ جانب جو جلوو جمال ڀسيو، سڀ هنڌ مولي مهر کي ڏٺو:

جتي مالڪ ولايت مهر ڀيڻهين جيوت پاڻهي علم کي،
هر هاءِ جوت آهي پار تنهنجي ڏس ڪرشن ڪنعيي شيام کي.

سنت جيوسنگهه، برهم جي نرگڻ ۽ سرگڻ ٻنهي روپن جو ڀيڻهين ڪولا ۾ ذڪر ڪيو آهي. برهم جي نرگڻ روپ جو بيان ڪندي چوي ٿو تہ، پرماتما هر هنڌ موجود آهي. جيو جي انهڪرڻ ۾ جاءِ ٻاهر سرشٽيءَ ۾ پرماتما وياپڪ آهي:

جيوت جائي آهــ هر جائي،
اندر ٻاهر آهــ صورت سائي.

ڪوي جيوتسنگ جتي ڪٿي جانب جو جلوو جمال ڏسي ٿو:

جالي ڪالي ڏٺم جانب تنهنجو نور ظهور.

جڳت برهم جو کيل آهي ۽ اُن کيل ۾ پاڻ کيلي رهيو آهي ۽ اندر ۾ اهو اونڪار رمي رهيو آهي. جدا جدا روپن ۾ ٻــ پاڻ پرماتما رمي رهيو آهي:

واهه واهه کيڏ رکي لو جائي،
آهين ظاهر باطن تون عياني،
لالا ذاليرن نانو رکاءِ تنهن ۾ پاڻ ڪيو ٿي نهاني.
ڪالي ڪتري برهم سودر آهين،
ڪالي ويس سهڙو دوراني،
ڪالي جيوت جولي جوت سڌائين،
ڪالي سمرت سوامي لامڪاني.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ٻاڏن ۾ برهم کي ڏسي ٿو. سڀ روپ سندس آهن، سڀ ۾ ٻاڙا برم برهم وديمان آهي.

پرٿوي جل ٻــاھ، وايو ٻاڙ سڀ،
ٻاڙ ئي سڀ آھ؛ سڀ خود ڄاڙ سڀ.
چنڊ سورج ٻاڙ ٺــي ٽٽي ورلمان،
ٻــاڙ ٻوڙي رات ڏن منجھ آسمان.
ٻاڙ پرڪاشي گلابي منجھ آڪاس،
ٻاڙ وڄ، ٻــادل وسي ٿي عام خاص.

سنت صورتسنگھ جيتا ۾ جيارن ڏسي ٿو. تنھنڪري تاڪيد ڪري ٿو:

خلق ۾ خالق ڏسي نـــر تنھن اڳيان.
ٻولي ٻڌي ھلي چلي سڀ ٻاڙ برھم ٿو.

جيو، آتم ستا جي ڪري ئي سڀ ڪريائون ڪري سگھي ٿو، تنھنڪري صورتسنگھ چوي ٿو:

ڄاڙ ٻڪ ٻولڙ ٻڌڙ سڀ ايش جو،
ڄاڙ ڏک ٻيھڙ وھڙ سڀ ايش جو.

برھم سڀني جي ھردي ۾ حاضر آھي. تنھنڪري سڀ کي ٿم روپ سمجھي سڀن سان نياز نئڙت سان ھل:

ڄاڙ ٽان ھردي وسي تــو ايش ھر،
تو جڳائي ٽان اَدب سڀ ساڙ ڪر.

صورتسنگھ جي خيال موجب برھم درشٽا ۽ ٻاڙ آھي تـــه ٻــ ۽ ٻاڙ:

باغ باغيچو ۽ خود، مالھي ۽ خود،
وھ ڪري رونق رونق ڏسي ساري ۽ خود.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


ديوان صورتسنگهه جي ويچار موجب هي جڳت ناسونت آهي، ڪٽپنگر آهي ۽ هڪ برهم ئي سمت آهي. شنڪر آچارج جي دارشنڪ ويچار 'جڳت مٿيا، ايڪو برهم سمت' جي جهلڪ صورتسنگهه جي ڪوتا ۾ ملي ٿي:

ناسونت آهي سمورو جو ڏسين،
ايشور ئي آهه سمت سچ، مڃ ڪنهين.

سمت ايشور جو روپ آهن. سمت ۽ ايشور کي هڪ سمجهڻ گهرجي:

سمت کي پڻ ايش کي هڪ ڄاڻ پڪ،
ايشور ئي سمت آهي ڪو نہ شڪ.

جو سڪ ۽ شرڌا سان سمتن پڳتن جي سيوا ڪري ٿو سو هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ مان پائي ٿو:

ٽهل سمتن جي ڪرين جي دل و جان،
لوڪ ۾ پرلوڪ ۾ پائين خوب مان.

نام سمرڻ سڀني دکن جي اکٿير دوا آهي. ڌنهن ڪري جيؤ کي اُنٺي پهر سمرڻ ڪرڻ گهرجي.

نام اڪسير سچ اڪسير نام،
نام اُچارڻ تو جڳائي صبح شام.

ڪوي نہ صرف جاگرت اوسٿا ۾ نام سمرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو مگر ننڊ ۾ بہ سائين جي سمرڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

جاڳندي پڻ ننڊ ۾ ٻڻ نام اُچار،
ڏي نہي نام ۾ پريمي پريم اُڌار.

جيڪو ساڌڪ سواس سواس ۾ سائين جو سمرڻ ڪري ٿو پرماتما اُن جي اُجڙيل دل کي آباد ڪري ٿو. هو سدا بهاغ بهار رهي ٿو:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute

ساس ساسون جنهن رهي دل ايش ياد،
ايشور جنهن ياد سو آباد شاد.

ڪوي صورتسنگهه پنهنجي مثنويءَ ۾ ساڌڪ کي سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن:

ٽورڙو گهر چو ٻه، ٽورو، ڪاڻ گهٽ،
چا ڏسين، چا ٻڌين، لسون چپ نه پٽ.

......

ايش جو ڪج ڪري سو خوب جاڻ،
جا ڪري حڪمت ٻه تنهن ۾ ايش پاڻ.

......

ڪر ٻين جي ساک پنهنجا عيب سار،
پاڻ ڪنبو گل ٻيا، سا سمجهه ڌار،
ريس ساڙو شترتا کي خوب ڇڏ.

......

ننڊ غفلت کي ڇڏي ٿي تون سجاڳ،
وٺ هوشياري، ڪر نه سستي ڪول ياڳ.

......

سچ سوالي نا دران مو ناڻجي،
هوند وارو ٿي ٻه ڪرڻا ناڻجي.

وهنوارڪ جيون لاءِ ٻه صورتسنگهه جون صلاحون ڪارگر آهن.

## مخدوم امين محمد:

مخدوم امين محمد سنه ١٨٣١ع ڌاري ٿولد ٿيو. هي صاحب درگاهه مخدوم نوح جو سجاده نشين هو. هن صاحب ٻيت ۽ ڪافيون چيون آهن، جن ۾ تصوف جو خيال سليس نموني

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


سمجهايل. سدس ڪلام ۾ حسن ۽ مجازي عشق جـو ذڪر
۾ آهي:

ڏنڏڻجي نيڻن جادو لايو يار
(١) اکڙاون ڏنهنجون ڪجليون ڪاريون،
ڏاڙي ڪارڻ تـو دلبر ڏاريون،
هـو گهر اجاڙڻ لڳيون يـار ...

**شاهه محمد ديدڙ:**

شاهه محمد ديدڙ سنه ١٨٣١ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي جـي ديدڙ ڳوٺ ۾ ڄائو. هي صاحب پنهنجي دور جـو عالم شخص هو. شروع ۾ هي صاحب مجازي عشق جي راهه ۾ هليو جنهنڪري کيس ڏکه ڏاکڙا ڏسڻا پيا. رئيس حسين خـان شعر و شاعريءَ ۾ سدس رهنمائي ڪئي. حمل فقير جـي صحبت مان بـه هن صاحب ڪافي ڪجهه پرايو. سنه ١٨٩٦ع ڌاري هـن عالم وفات ڪئي. هـن صاحب جـي سنڌي ڪلام ۾ سرائڪي لفظن جو استعمال ٿيو آهي. سدس شعر ۾ جمالياتي پهلو اُڀري بيٺو آهي:

مهراڻي مهتاب رهـن، مشتاق صنم ري روءَ آئي،
سنبل وينس وسهير وهسن، مشڪ معطرهوءَ آئي،
بلبل پونر بيراڳي قردي، باس بدن دي بوءَ آئي،
خجل ڪبڪ طائوس رهن، جان جانب ڳلندا جوءَ آئي،
شاهه محمد شالا هوين، ڪلب پريان دي ڪوءَ آئي.

**عارف شاهه:**

عارف شاهه بخاري شاهه محمد ديدڙ جـو همعصر هو. هي صاحب دادو تعلقي جو ويٺل هـو. پنهنجي دور جـو ڪامل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

## غلام محمد [illegible]

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


سو ساراھ سچو ڏٺي صاحب رب ستار،
جوڙي جوڙ جھان جـي هادي ريءِ آزار،
نڪو آل ھڪ ۾ نـه ڪا ڪيرس ڪار،
نفيءَ مان اثبات ڪري ساروئي سمسار.

شاعر غلام محمد صاحب تي شاھ لطيف جو اثر ظاھر ظھور آھي. شاھ لطيف وصال کان وڌيڪ اھميت فراق کي ڏني آھي، غلام محمد به ساڳيو ئي خيال پيش ڪري ٿو:

جيڪي مڏجھ فراق واصل سو نه وصال ۾،
ويئي ڇڏ وجود ڪـي تڪون ڪري طاق،
محبت ۾ مشتاق، رھـن ايرا پو ٽيون.

غلام محمد جي شعر ۾ تمثيل سمايل آھي. ميھار مالڪ جو پرتيڪ آھي. مالڪ جي محبت مان الوڪڪ آنند پراپت ٿئي ٿو جنھنجي ڀيٽ ڪنھن به دنيوي چيز سان نٿي ڪري سگھجي:

ميھر ماکيءَ کان مٺو، نڪو شڪر شير،
جنين چکي چاشني تن ڪـي اڪسير،
سڪي وڃي سير، ساھڙ سنڌي سڪ ۾.

محبوب جي لاثاني سونھن جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

صورت سھڻن جـي، نسورو ئي نور،
سورج ڪدا سھٽو، قمر مٽ نـه مور،
دلبر جو دستور، ڪوڙ ڏسان ئي ڪٿھين.

شاعر پنھنجي شعر ذريعي سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

اکيون غير غليظ، ڪڍ ڪيم پريـن ڏي،
متان غيرت غليظ اوچي عجيبن کي.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com Page # 296

ايسر عشق آڳاٽگو گرو لاهيندو غم.

شاعر ايسرلعل پنهنجو آتم انڀوَ بيان ڪندي چوي ٿو مان پاڻ پيهي آتم لعل کي لوچي لڌو:

پاڻ منجهون لعل مون تان لوڙي لڌم لڌم.

حقيقت ۾ ڀڳوان، ڀڳت ۽ ڀڳتي هڪ آهن، صرف ڏسڻ مان ٽي آهن:

اِڪي، ٻِڪي، حق هڪ ٽکي آهيون ٽيٺي.

جيئن پرمن سنسن ۾ پاڻ پنهنجي آتم سوروپ کي وساري ويٺو آهي. تنهن ڪري ڀائي ايسرلعل جيءُ کي جاڳرت ڪندي چوي ٿو:-

ٻولا من ڪر ويچار، پنهنجو پاڻ تون پاڻ سڌار،
ساڌ سنگت سان رک سنيهه، پنهنجو پاڻ پسج ڏيهه،
مکون ٻول مرار.

ڀائي ايسرلعل جا، شري ڪرشن ۽ گوپين سنبنڌي ٻه سلوڪ ملن ٿا جن ۾ گوپين جي وره ويدنا آهي. گوپيون وره حالت جو ذڪر ڪندي چون ٿيون:

ڏاڍي ڏور فراق جي، ويو موهن منجهائي،
سڄر سور سرير ۾، ويو ڏونهان ڏکائي،
جند قرباني ان تون اوڏڙ، جيڪو آن ملاوي،
ايسر عرصو آهي، گوپين کي گوڪل ۾.

ڀائي ايسرلعل اُپريم مارگي ڪوي هو، تنهن ڪري هن پريم کي اهميت ڏني آهي. سنڌس ويچار موجب جيءُ جي آتمڪ ڀلا اُپريم جي ڪين لهندي:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪافيون پيش ڪيون.

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته شاعر فاضل شاه کي شروعات ۾ مجازي عشق جي چوٽ لڳي. مجازي عشق جي جهلڪ سندس شعر مان به ظاهر آهي:

منهن سندءِ مشعل منور جنّ اُين ۾ آفتاب،
بل غلط ڪئي، مون پـلا آفتاب و ماهتاب،
وصل جو ڪو وار ورنهن ور وسيلا واءِ تون،
ڪين فاضل تو فراقن ۾ جهلي ڇي تير تاب.

شاعر فاضل شاه جي غزلن ۾ سندس تلخ آزمودن جي تصوير به ملي ٿي:

يارن رهي نـــه ياري ٿـي دور ديندارن،
هرڪنهن مڪان هاڻي هيهات تو ڏسان آن.

فاضل شاه جي ڪلام ۾ تصوف جي تاثرات آهي:

فرض فاضل آهه طاعت تو اُتي الله جي،
يار پلپل سان سڄائي دمبدم منجهه ذڪرڻ هوراه.

......

پـوان ٿـــو چتائي چڱي آهه چپ،
تڪلم تڙائي، چڱي آهه چپ،
سياڻپ سندو سوجهرو سچ سڪوت،
هنئين ۾ هلائي، چڱي آهه چپ.

فاضل شاه پنهنجي شعر ذريعي سالڪ کي سهڻيون صلاحون ڏيندي چوي ٿو:

بڌ قناعت جي ڪمر ڪر تون توڪل کي لڪيو،
تانگهه رک توفيق جي ۽ طالب طلب ثواب ثابت،


Gul Hayat Institute

آءٌ ساجن! ٿو ڪي ساريان، نت نيڻ ڪنيو ٿو نهاريان،
اَنڌي پهر عجب جي آڏون غمن مدجهه گذاريان،
اَچي مل محبوب منا! نت ڀاڪر ڀنهجو ٿو ماريان.

شري وشنداس جي ڪلام ۾ اُپما الڪار جو پريوگ پڻ ٿيو آهي:

مچلي جئن درياءُ ري، رهي نا هڪوار،
تئن آڏون تڙپيو مران، دلبر ڏي ديدار،
ڏيڏر جئن برسات ري، هوُ هوُ ڪري هوڪار،
تئن آڏون ڏسڪيو ڏران، دلبر ڏي ديدار.

## چاڪرخان:

چاڪرخان دادو ضلعي جي ڇني ڳوٺ ۾ سنه ١٨٤٣ع ڌاري ڄاول ٿيو. هي رج مڙس رستماڻي بلوچن مان هو. ٩٠ ورهين عمر ۾ گذاري ويو. کيس شاعريءَ جو شوق هو. سنڌس شعر مان مجازي عشق جي جهلڪ ملي ٿي. شاعر محبوب جي سونهن جو ذڪر ڪهڙي نموني ٿو ڪري:

ڪارا ڪيس ڪٿوري جهڙا، آرمائين عنبر ڪي،
نار زلف جي مار مرن ٿا، عجب لڳو اثر ڪي،
مرگهه تيا مقابل يارو نسنگ اچي نڪر ڪي،
ابرو قوس ڪماني، ڪيئن ٿا مرن مرغ بشر ڪي!
لب لعل ۾ خشاني مرجان، عجب لڳو احمر ڪي،
ڪمر ڏسي ڪيهر ڪعبي ويا، جئن پسند يعقوب پسر ڪي،
اي 'چاڪر' پنهنجو حال اچي ڪر پيش اعلي اڪبر ڪي.

## سيد نواب شاهه سڪايل:

سيد نواب شاهه سڪايل سنه ١٨٤٣ع ۾ روهڙي سنڌ ۾ سيد

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

آهيان شاهه نصير جي ڪولي جڏهن عشق جهولايو جهواي،
دل جو دل ۾ درس پڙهائي، ڏنائين لا جي لواي،
وڙهي وير وڃي ونئي قابو، شاهه درياهه جي جوالي،
عشق اندر ۾ آهي انهيءَ جو، خيال دري جڏهن ڪولي.

موهن فقير کي مرشد الاءِ ڪيڏي نه محبت آهي ان جو اندازو هيٺ ڏنل مصراعن مان لڳائي سگهجي ٿو:

ويڙهي دل ڪين وري ٿي جيلا ڪيم هزار،
موهن جو محبوب آهي، نو شهري نروار.

شاعر مرشد جي مهر سان وحدت جي وات تي هليو. شاعر وحدت الوجود جو خيال ظاهر ڪندي چوي ٿو:

وحدت واري موهن من ۾ ٻولي آهي هڪ ٻولي.

شاعر موهن فقير هرهنڌ مالڪ جو مشاهدو ماڻي ٿو:

سب ماڙيون محبوب جون، سڀئي ماڙين محبوب،
هرجا صورت حق جي، ڏس خاڻي خاڻي خوب.

......

هي هوُ آهي هڪڙو ڪر وحدت منجهه ورود،
سڄڻ ساهه پساهه ۾ هردم حق موجود.

موهن فقير سالڪ کي پاڻ وڃائڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

جي پاڻ ڇپائين پاڻ ۾ ته ڪر پاڻ پري ڪان پاڻ،
موهن کي محبوب جي اِهـا آهي اهڃاڻ،
ويو جاڻ گهري منجهه جاڻ،
ته ٿي هونگ پريان جي هڪڙي.

روحاني رمز يا عشق جي رمز جي ريل جي رفتار سان ڀيٽ

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com

Page # 313

ڪنهي شاعر چوي ٿو ته :

رل ۾ آهي رل، ۾ رمز ڏکي آ رلـل ڪـان،
هوءَ پهچي پوياڙيءَ جو هي وڃي سرس سويل.

گيان ۽ يوڳ ساڌنا جي جهلڪ ــ موهن فقير جي ڪلام ملي ٿي :

ڏريا پـول انـــدر ۾ عاشق اڪيلو،
شبد سڪپت جو ڏسيو صوفي سويلو،
موهن جوميلوٿيوشهنشاهي شاهه فقيرسان.

موهن فقير جي شعر ۾ لاڪشڻڪ شڪتي سمايل ۽ پڙليڪن جو ۽ سهج پريوگ ڏسجي ٿو :

وڃهي اڃ پنيءَ ۾ پنهنجي پوک پچاءِ،
پاٽي ڏينس پريت جو سلو ڪين سڪاءِ،
پاڪو ٿي پچاءِ، متان جهار جهڻي وڃيئي.

## ١٥٥ مير عبدالحسين خان سانگي :

Gul Hayat Institute

ميرعبدالحسين خان 'سانگي' سنه ١٨٥١ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڄائو هو. سانگي صاحب جو والد عباس علي خان پنهنجي والد مير محمد مير نصيرخان سان ڪلڪتي ۾ نظر بند هو. مير عباس علي خان شڪار جو شوقين هو. هڪ دفعي شينهن جو شڪار ڪندي مير صاحب شينهن سان اهڙي ته نبرتا سان مقابلو ڪيو جو هڪ يورپين عورت مٿس اکين شڪن ٿي پيئي ۽ ساڻس شادي ڪيائين. ان عورت مان ٿي ڪيس سانگي صاحب ڄائو. سانگي صاحب اڃا ڇهن سالن جو هـو جو سندس والد وفات ڪئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هي حال ڏسي منهنجي ٿـي حيران محبت.

شاعر جي نازڪ خيالي هن بند ۾ ظاهر آهي.

سانگي صاحب سنڌي غزل کي اوج تي رسايو. هي صاحب ايراني شعر و شاعريءَ کان متاثر نظر اچي ٿـو. سندس شعر ۾ رس ۽ رواني آهي ۽ بندشون به چست آهن.

سانگي صاحب پنهنجي شعر ۾ نيـون تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا آهن. معشوقا جي ڳاڙهن ڳلـن لاءِ امبڙيءَ جي رتامن انبن جي تشبيهه ڏيندي چوي ٿو:

وصل جا هوندو ٿيو جڏهن آهي، اي منا تنهنجو انتظار لذيذ،
امبڙي جي انبن رتامن کـان سرخ رخسار نـازدار لذيذ.

شاعر کي محبوبا جا لب ميون منائن کان وڌيڪ منا لڳن ٿا:

سانگي ميون کان منائن کان، لب شيرين شوخ يار لذيذ.

محبوب جي اکين جو اشارو شاعر لاءِ ڄڻ سرڪاري سمن آهي:

منن ماڻهن جي ابروءَ جـو اشارو،
سو سانگي لاءِ سرڪاري سمن آهي،
مئجسٽريٽ عشق جي ڪورٽ
۾ حڪم ڪيو،
اغيار يا وقار رهي يار يا وقارو.

شاعر مٿين مصرائن ۾ ”عشق جي ڪورٽ“ جو نئون استعارو استعمال ڪيو آهي ۽ محبوب جي ابروءَ جي اشاري لاءِ سرڪاري سمن جي تشبيهه ڏني آهي. شاعر انگريزي لفظن جو به استعمال ڪيو آهي.

استعاري جو هڪ ٻيو مثال پيش آهي:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 317

آشنائيءَ جا وڻ نہ ويا وڍجي،
پرت ڪان پاڙ ڪـــي پاڙڻ واجب!

آشنائيءَ جا وڻ، هڪ نئون استعارو آهي.
شاعر سانگي، اُستاد سيد گدا شاهہ ۽ پنهنجي دور جي ٻين اعليٰ شاعرن جي ثنا ڳائيندي چوي ٿو:

شاعر نہ گـدا آهي ۽ ٻيو حيدري آهي،
ٿئي طبع ڪان ٿن جي ڪو غزل اهڙو نمودار،
شاعر عالي دماغ آهـي اِهـو مرزا قليچ،
سر زمين شعر ۾ جنهن کي ٿيو ڪلي اقتدار.

سانگي صاحب پنهنجي تحرير ۽ تقرير جي مقبوليت لاءِ الله سائين کان دعا پنهنجي چوي ٿو:

يارب! منهنجي فرياد ۾ تاثير عطا ٿئي،
بلبل ڪـان بہ وڌ لذت تقرير عطا ٿئي،
آباد رهي منهنجو هي گلزار سخن جو،
اهـــڙي نسيم سحري هير عطا ٿئي.

سانگي صاحب زندگيءَ ۾ ڪيترائي آزمودا پرايا اُنهن مـان ڪي نصيحت آميز نڪتا پنهنجي شعر ۾ پيش ڪيا آهن:

آهي دنيا ۾ جي رهڻ واجب،
سور تنهن جـــا آهن سهڻ واجب،
نيڪ ۽ بد جيڪي ڪو چوي سو چوي،
تنهن کي هرگز نہ ڪن ڪرڻ واجب.

زماني سازيءَ جي خيال کان شاعر صلاح ڏيندي چوي ٿو:

راست کي ڏينهن، ڏينهن کي چؤ راست،

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولوين ملائن، پاون پاڻيڻن تي طنز ڪئي آهي.

عرض پڻ منهنجو مولوي صاحب! آهين پيمار گهرجي توکي شفا،
پڳ ننڍي ڪر ۽ ڏاڙهي تون چانگاءِ جبو ڇڏ لاهي،
ڪر ڦٽي تون عصا.

......

پاڻيڻ آهن پاڻيون اج ڪلهه مشر ٿيا هن مسيٽا،
پاوا ٿيا پائو، ٽڪر ڪائي ٽڪاڻن جا سدا،
پير ڪونن پيڙهه، ڪل لا هن خليفا تن جي لاءِ،
ملان آهن اج موالي، مولوي موالي ٿيا.

مرشد حق جي راهه ڏيکارڻ بجاءِ مريدن کان زر مال اسباب حاصل ڪرڻ لاءِ هڪيا حاضر وينا آهن. اهڙن لالچي مرشدن ۽ پورنگي پيرن ۽ صوفين جو ذڪر ڪندي مرزا صاحب ڪليڪل لفظن ۾ چوي ٿو:

پير مرشد زر جي خاطر زور سان ڪن ٿا مريد،
ٿا سڏائن صوفي ۽ درويش، آهن حڪمران.

مرزا صاحب جي ڪلام ۾ فيلسوفاڻا خيال به سمايل آهن. دنيوي شين ۽ ماڻهن جي فنا ٿيڻ جو ذڪر ڪهڙي نه سهڻي نموني ڪري ٿو:

جڏهن ڪومائجي ڪرندا سيئي گل،
تڏهن ڪهڙي ڪجي همت باغباني؟

ذاتي تعاليٰ هڪ آهي پر انجا انيڪ روپ رنگ آهن. اهو خيال پيش ڪندي شاعر قليچ بيگ چوي ٿو:

وڙشدي سڀ جي هڪ هزارين گهر، ٿو ڪري اختلاف در ديوار،
ڄيو عدد اصل هڪ ڳڻڻ ۾ نقطه، پر اُٿي سو شمار ۾ ٿو هزار.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سوامي ٽرمداس جي ڪاوڙ ۾ ڪٿي ڪٿي پرليڪن جو
پرڀاو ٿيو آهي:

پرمَ ٿرن نمت پريوءَ سان دور ڇڏي چوري.

هت "چوري" مايا جو پرليڪ آهي. سالڪ مايا روپي
چوريءَ جو تياڳ ڪري مالڪ جي محبت ۾ محو رهن ٿا:

پنج مواسي پهنجا وڏائون واڙي.

پنج مواسي پرليڪ آهن پنجن وڪارن، ڪام، ڪروڌ، لوڀ
موهه، اهنڪار جو. سچن سالڪن انهن وڪارن تي غالب ڪيو آهي:

ماس مڙيءَ جو ٻنگلو، جنهن کي ڏهه آهن دروازا.

بنگلي جو پرليڪ شرير لاءِ آهي ۽ ڏهه دروازن جو پرليڪ
آهي ڏهن اندرين لاءِ، پنج ڪرم اندريون ۽ پنج گيان اندريون.

## فقير بخش علي:

فقير بخش علي ڳوٺ ٽرڙي لاڙڪاڻي ضلع جو ويٺل هو. هي
اڻويهين صديءَ ۾ مراد عليءَ جي گهر تولد ٿيو. سنه ١٩١٨ع ۾
وفات ڪيائين. هن درويش ڪافيون چيون آهن. سالڪ کي صلاح
ڏيندي شاعر چوي ٿو:

الف اول اسم سان سيدو سڌاري ڪر صفا،
قلب جو تڪرار تنهن ڏي طلب رک واڌو وفا.
پرت مون پختو پڄائج، جان تن کي ڏئي جفا،
رک سجاڳي سحر جو تان، تون ڏسين نوري نفعا.
سمجهه صوفي! هي حڪايت، تان لهين دڳ دوست جو،
پرجهه معنيٰ من عرف، تان هند پسين همه اوست جو.

Gul Hayat Institute

١ نيهن نڌر کي وڌو آهي نهوڙي، درد لاٿا ڏڏڪار،
ڳار هجر جو ٿو ڳاري .
٢ جيڏي جدائي آءَ نه سهان ٿي، ٿوکي ملان مدنار،
ليتو موت نـــه ماري .
٣ سڪ سرير ۾ آهي اوهانجي، ســــار لهـو سردار،
وارث ويهه نـــه وساري .
٤ اڳڙا علويءَ جي آءَ پيارا، دم نه سـهڻ ٿـي ڌار،
خوش ٿي گـڏ گذاري .

علوي صاحب جـــي ڪلام ۾ موسيقي، ميناج ۽ سلا ســمـ
آهي. لهجيس حرفيءَ جو ۾ سنو استعمال ٿيو آهي. سندس هڪ
ڪافي پيش آهي جا عوام جي لبن تي هوندي هئي :

لٿهنجي حســن سـهڻا حيران ڪيا،
انسان هزارين مان نه رڳو .

١- لٿهنجي شان برابر شاهـ نـــه ڪو،
لٿهنجي سونهن سندو ست ماهـ نه ڪو
لٿهنجي خيال کان خالي ساهـ نه ڪو
خواهان هزارين مان نـــه رڳو .

٢- قـــران ســـراســـر شـــان لٿهنجو،
آهي واصف خـود رحمان لٿهنجو،
پيو کهڙو ڪري ٿـــه بيان لٿهنجو،
حيران هزارين مـان نـــه رڳو .

٣- تو ڪان پاڻ فـدا ڪـــن شاهـ گدا،
ريءَ نـاڻـــي پانها پـــول پـــڌا،
ٿيا خـــادم لٿهنجي خلق سـنـدا،
خاقـان هزارين مـان نـــه رڳو .

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

